سنڌي چوڪري انڊيا جي فلم انڊسٽري ۾ هيروئن ٿي اڀيان آئي
هوءَ پنهنجي وارن جي اسٽائيل کان ياد ڪئي وئي ٿي ۽ فئشن
Icon ٿي وئي. فئشن ۽ اسٽائيل جو وهنوار (Tradition) اڄ هڪ
دفعو وري هڪ سنڌي فلم ائڪٽريس بالي ووڊ ۾ ڪٽي آئي آهي.
جنهن جو نالو پريتي جهانگياڻي (Preeti Jhangiani) آهي.
معصوم چهري واري هن سنڌي فئشني چوڪريءَ کي ايجان تائين
ڪيترائي ماڻهو هندي فلم 'محبتين' جي حوالي سان سڃاڻن ٿا.
هوءَ اڄ ڪلهه ڊئنمارڪ جي سنڌي بزنيس مين منگهارام هاروائي
جي سنڌي فلم 'پيار ڪري ڏس' ۾ هيروئن طور نظر اچي رهي
آهي. وڏي عرصي بعد اڄ ڪلهه مڙيئي سنڌي فلمون هڪ ٻئي
پويان ٺهي ويون آهن. ڊئنمارڪ جي منگهارام هاروائيءَ کان
علاوه آمريڪا ۾ رهندڙ لڪشمن پاٽيا 'پاڙيواري' ۽ ڊبئي جي
ڪوشي لالواڻيءَ The Awakening سنڌي فلمون ٺاهيون آهن.
مسٽر منگهارام هڪ وڏو واپاري ۽ امير بزنيس مين آهي ۽ دنيا جا
جيڪي 100 امير ترين انڊين واپاري ولايت ۾ رهن ٿا، هاروائي
انهن مان هڪ آهي. سندس نالو نه فقط ڊئنمارڪ ۾ پر پر وارن
ملڪن ۾ به مشهور آهي. اسان سوئيڊن ۾ پڙهندا هئاسين ته هن
سنڌي بزنيس مين جون ڳالهيون مالمو (سوئيڊن) ۾ رهندڙ انڊين
توڙي پاڪستانين کان ٻڌندا هئاسين. هاروائي هن کان اڳ به
فلمون ٺاهي چڪو آهي، خاص ڪري "پيار کا ترانه" مشهور ٿي
پر "پيار ڪري ڏس" سندس پهرين فلم آهي، جنهن جو